ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ

# والدين تي اولاد جا سماجي حق سيرت طيبه جي روشنيءَ ۾

*Abstract*: God has given human beings the status of vice regent. The most important responsibility of man among all other responsibilities to up bring their children as best possible way.

Unfortunately, even to day, the birth of a boy is more celebrated than the birth of a girl.

Although, the holy prophet did not make any difference in terms of love between boys & grils. He treated them equally. He loved them & prayed for their success & dignity.

Now it is enjoined upon Muslims to respect & care for the children in the same fashion as our holy prophet has depicted by his words & action.

I have tried to highlight parents duty towards their children in the light of holy prophet Muhammad (PBUH) teaching.

الله تعاليٰ انسان کي اشرف مخلوق هجڻ جو شرف عطا ڪيو آهي. اها ڳالهه سندس فرمان: ﴿واذ قلنا للملائكة اسجدوا لآدم﴾ (1) ۾ جڏهن حڪم ڪيو اسان ملائڪن کي ته آدم کي سجدو ڪريو. مان بخوبي معلوم ٿئي ٿي.

الله تعاليٰ انسان کي علم جي ڪري به فضيلت عطا ڪئي آهي. فرمان الاهي آهي ﴿وعلم آدم الاسماء كلها﴾ (2) ۾ آدم عليه السلام کي (الله تعاليٰ) هر شيءِ جو علم ڏنو سي.

۽ الله تعاليٰ جيڪي پيغمبر ۽ رسول موڪليا، اهي به انسانن مان تيا. اها ڳالهه به انسانن کي ٻي مخلوق کان افضل بڻائي ٿي.

هيءَ ڳالهه ذهن نشين هئڻ گهرجي ته نه صرف انسانن کي اشرف مخلوق جو شرف مليو آهي پر انهن مٿان ذميواريون به ٻي سموري مخلوق کان وڌيڪ رکيون ويون آهن.

اهڙين ذميوارين ۾ ماڻهن جا ماڻهن مٿان حق (حقوق العباد) سرفهرست آهن. ۽ انهن کي پابند بڻايو ويو آهي ته اهي هڪ ٻئي جي حقن جو خيال ڪن، انهن کي پوريءَ ريت ادا ڪن ۽ ڪوتاهي کان ڪوهين دور رهن.

چوته رب تعاليٰ رحمان، رحيم، ڪريم ۽ غفورآهي. پر ماڻهن ۾ اهي صفتون نه آهن ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجا حق معاف نه ڪن ته پوءِ دنيا توڙي آخرت ۾ ماڻهن کي تڪليفون کي منهن ڏيڻو پوندو.

حقيقت ۾ الله تعاليٰ سمورن انسان کي هڪ ٻئي جي حقن جي لڙهيءَ ۾ موتين جي مالها وانگر پوئي ڇڏيو آهي. ۽ ڪوبه انسان هڪ ٻئي جي حق ۽ ذميوارين کان خالي نه آهي.

۽ هيءَ حديث مبارڪ انسانن جي هڪ ٻئي تي حقن جو بهترين مثال آهي:

> ان رسول الله قال: الا كلكم راع وكلكم مسئول عن رعيته. فالامام الذي علي الناس راع وهو مسئول عن رعيته والرجل راع علي اهل بيته وهو مسئول عن رعيته. والمراة راعية علي اهل بيت زوجها وولده وهي مسئولة عنهم. وعبد الرجل راع علي مال سيده وهو مسئول عنه. الا فكلكم راع وكلكم مسئول عن رعيته. (3)

**ترجمو:** بيشڪ نبي ڪريم فرمايو: توهان مان هرهڪ نگهبان (ذنار) آهي ۽ هرهڪ کان ان باري ۾ پڇا ٿيندي. پوءِ امام (خليفو يا حڪمران) جيڪو ماڻهن جو نگهبان آهي، انکان رعيت جي باري ۾ پڇا ٿيندي. مرد گهر جو نگهبان آهي، انکان گهر جي باري ۾ پڇا ٿيندي. عورت مڙس جي گهر ۽ ٻارن جي نگهبان آهي، انکان ان باري

۾ پڇا ٿيندي. ڀانهو (نوڪر) مالڪ جي مال جو نگهبان آهي، ان کان ان باري ۾ پڇا ٿيندي.

ياد رکو هرهڪ نگهبان آهي ۽ هرهڪ کان نگراني متعلق پڇا ٿيندي.

پاڻ ڪريم جا لفظ مبارڪ "الا کلکم راع" توهان مان هرهڪ نگهبان آهي. سيني ماڻهن جي ذميوارين ۽ هڪ ٻئي جي حقن ڏانهن اشارو آهي.

اهڙا چند مثال هيٺ ذڪر ڪجن ٿا.

اولاد جا حق.........والدين جا حق

زال جا حق.........مڙس جا حق

ڀاءُ جا حق.........ڀيڻ جا حق

وڏن جا حق.........ننڍن جا حق

استادن جا حق.........شاگردن جا حق

آقا جا حق.........غلام (نوڪر) جا حق

بادشاه جا حق.........رعيت جا حق

مالڪ جا حق.........مزدور جا حق

مهمان جا حق.........ميزبان جا حق

عورتن جا حق.........مردن جا حق

پنهنجن جا حق.........پراون جا حق

مسلمانن جا حق.........غير مسلمن جا حق

پڙهيلن جا حق.........اڻ پڙهيلن جا حق

سياڻين جا حق.........چرين جا حق

انسانن جا حق.........جاندارن جا حق

مطلب تہ سمورن انسانن کي ذميوار بڻايو ويو آهي.

انسانن جي تربيت جو پهريون مرڪز گهر (والدين) آهي. ۽ منهنجي مقالي جو عنوان بہ "والدين تي اولاد جي تربيت جو حق" آهي. جنهن جو تفصيل هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

# ٻارن جي پيدائش تي خوش ٿيڻ

ٻار جي پيدائش تي خوش ٿي پوندا هئا. مايوسي ۽ ڏک ۾ انهن جا چهرا ڪارا ٿي پوندا هئا. اهي نياڻي کي پنهنجي لاءِ خواري ۽ رسوائي انسانن توڙي عام جاندارن جي فطرت ۾ شامل آهي.

پر انهن وقت عرب سماج متڀيد جي فرق ۾ قائل هو. ماڻهو ڇوڪري (پٽ) جي ڄمڻ تي خوشيون ۽ شادمانا ڪندا هئا ۽ نياڻي جي ڄمڻ تي بيحد غمگين جو سبب سمجهندا هئا.

اسلام جي بهار ۽ خوشبوءِ سان متڀيد ۽ جاهلاڻ ريتن رسمن وارو سماج معطر ٿي پيو. ۽ ڏسندي ڏسندي عرب جا ماڻهو تهذيب ۽ اخلاق جا علمبردار ۽ سموري دنيا لاءِ مثال بڻجي پيا.

آقا حضرت محمدڪريم ﷺ جي حيات طيبه ۾ ڪنهن کي ٻار ڄمندو هو ته انکي دعاءَ لاءِ سندن خدمت ۾ کڻي ايندا هئا ۽ ماڻهو ڪوشش ڪندا هئا ته انجو نالو به رسول ڪريم ﷺ پاڻ رکن.

عن ابي موسي رضي الله عنه قال: ولد غلام فاتيت به النبي ﷺ فسماه ابراهيم. ودعا له بالبركة. (4)

**ترجمو:** حضرت ابو موسي اشعري رضہ روايت ڪري ٿو ته: هڪ ٻار جو جنم ٿيو انکي پاڻ ڪريم ﷺ وٽ کڻي آيا. انهن (پاڻ ڪريم ﷺ ) ٻار جو نالو ابراهيم رکيو ۽ ان لاءِ (انجي صحت, خيريت ۽ برڪت) دعا فرمائي.

جڏهن مسمان هجرت ڪري مدينہ منوره اچي رهيا هئا ته قبا جي جڳهہ تي حضرت عبدالله بن زبير جو جنم ٿيو. انجي پيدائش تي مسلمانن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي. اهو واقعو حضرت بي بي صاحبہ پاڻ بيان فرمايو آهي:

عن اسماءَ بنت ابي بكر انها حملت بعبدالله بن زبير بمكة. خرجت وانا متم. فاتيت المدينة. فنزلت قباءَ فولدت بقباءَ ثم اتيت به النبي ﷺ فوضعته في حجره ثم دعا له وكان اول مولود ولد في الاسلام ففرحوا به فرحا شديدا. (5)

**ترجمو:** حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي نياڻي بي بي اسماءَ رضہ کان روايت آهي تہ مڪي ۾ آءٌ عبدالله بن زبير جي حمل سان هيس. جڏهن هجرت ڪئي سون تہ ان وقت مونکي پورا مهينا هئا. پوءِ مدينہ منوره اچڻ دوران (مدينہ جي ويجهو) قباءَ جي جڳهہ تي ترسياسون. اتي ٻار (حضرت عبدالله رضہ) کي جنم ڏنو. ٻار کي نبي ڪريم ﷺ وٽ کڻي آياسون. پاڻ سڳورن ﷺ انکي جهولي ۾ ورتو ۽ ان لاءِ دعا ڪيائون. هي (هجرت کانپوءِ) پهريون ٻار هو جنهن جو جنم ٿيو هو. انجي پيدائش تي مسلمان تمام گهڻو خوش ٿيا هئا.

جڏهن حضرت حسن رضہ جو جنم ٿيو تہ امڙ سائنڻ بي بي فاطمہ رضہ انکي پاڻ ڪريم ﷺ وٽ کڻي آئي. آقا دوعالم انکي پيار ۽ محبت سان هٿن مبارڪ ۾ کنيو ۽ کيس سيني سان لايو. امڙ فاطمہ رضہ اهو منظر ڏسي ڏاڍي خوش ٿي رهي هئي.

**فولدت فاطمه حسنا. واتيت به النبي ﷺ، فاخذه النبي ﷺ فوضعه علي صدره. (6)**

**ترجمو:** حضرت امڙ فاطمہ رضہ امام حسن کي جنم ڏنو تہ کيس نبي ڪريم ﷺ وٽ کڻي آيا. پاڻ ڪريم ﷺ انکي (هٿن مبارڪن سان) کنيو ۽ پنهنجي سيني سان لايو.

## ٻار جي ڪن ۾ اذان چوڻ

ٻار پيدائش بعد سڀ کان پهريون ان جي سڄي ڪن ۾ اذان ۽ کٻي ڪن ۾ اقامت ڏيڻ مستحب آهي. (7) پاڻ ڪريم جو فرمان آهي تہ:

**قال رسول الله ﷺ من ولد له فاذن في اذنه اليمني واقام في اذنه اليسري. (8)**

**ترجمو:** حضرت رسول الله ﷺ فرمايو: جنهن کي ٻار ڄمي تہ اهو انجي سڄي ڪن ۾ اذان ۽ کٻي ڪن ۾ اقامت چئي.

جيئن دنيا ۾ سڀ کان پهريون کيس الله تعاليٰ جو نالو ٻڌڻ ۾ اچي ۽ جي اندر ۾ بہ سڀ کان پهريون الله تعاليٰ جي نالي جو پڙلاءُ ٿئي. جڏهن حضرت حسن رضہ جي ولادت ٿي تہ پاڻ ڪريم انجي ڪن ۾

اذان ڏيني.

رافع عن ابيه قال رئيت رسول الله ﷺ اذن في أذن الحسين بن علي علي ولدته. (9)

**ترجمو:** حضرت رافع پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته مون ڏٺو رسول الله ﷺ حضرت حسن بن علي جي ڄمڻ تي انجي ڪن ۾ اذان ڏني.

## ٻارن جو سٺو نالو رکڻ

ٻار جي پيدائش بعد انجو سٺو وڻندڙ آسان ۽ اسلامي نالو رکڻ والدين جي ذميواري آهي. اهي ڪوشش ڪن ته پٽن جو نالو پيغمبرن، رسولن، صحابه ڪرام ۽ نياڻين جو نالو پيغمبرن جي پاڪ زالن ۽ صحابيات جي نالن وارو رکن.

پاڻ ڪريم ﷺ اولاد جي سٺي نالي رکڻ جي ترغيب ڏني آهي.

قال رسول الله ﷺ من ولد له ولد فليحسن اسمه. (10)

**ترجمو:** حضرت رسول الله ﷺ فرمايو: ماڻهوا اولاد جو سٺو نالو رکي.

هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته قيامت ڏينهن ماڻهو پوري نالي سان (پيءُ جي نالي سميت) سڏيو ويندو. هيءَ ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته سٺو نالو رب پاڪ جي رحمت جي سببن مان هڪ سبب آهي. محشر جي ميدان ۾ ته هونءَ به سمورا مسلمان ارحم الراحمين جي رحمت ۽ مغفرت جا طالبگار هوندا. حديث شريف ۾ آيل آهي:

قال رسول الله ﷺ تدعون يوم القيامة باسمائكم واسماءِ آبائكم، فاحسنوا اسمائكم. (11)

**ترجمو:** حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي ته: قيامت ڏينهن توهان پنهنجي ۽ پيءُ جي نالي سان سڏيا ويندو پوءِ توهان (اولاد تي) سٺا نالا رکو.

پاڻ ڪريم ﷺ هيءَ به فرمايو آهي ته عبدالله ۽ عبدالرحمان وڏيڪ سٺا نالا آهن. (12)

پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ڪيترائي مسلمان پنهنجي اولاد

تي پيغمبرن، رسولن، صحابي سڳورن، پاڪ ۽ نيڪ عورتن بجاءِ سياستدانن، رانديگرن ۽ ڪلاڪارن جا نالا رکن ٿا.

انڪري مسلمانن کي گهرجي تہ اولاد تي نالي رکڻ وقت پاڻ ڪريم ﷺ جي فرمانن ۽ حڪمن کي سامهون رکن.

## ٻارن جو عقيقو ڪرڻ

ٻار جي ڄمر بعد انجي صحت، ڀلائي ۽ ڪامياب زندگيءَ لاءِ عقيقو ڪيو ويندو آهي. نبي ڪريم حضرت حسن رضہ ۽ حضرت حسين رضہ لاءِ عقيقو ڪيو هو. (13) پاڻ ڪريم فرمايو آهي تہ پٽ جي عقيقي ۾ ٻہ ٻڪريون ۽ نياڻيءَ جي عقيقي ۾ هڪ ٻڪري ذبح ڪريو. (14) اهو فرق عزت يا مرتبي جي ڪري نہ آهي. (عزت ۽ مربي ۾ ٻئي برابر آهن. بلڪ نياڻي جو مرتبو وڏيڪ آهي) بلڪہ اهو فرق هن ڪري آهي تہ ڇوڪرو ڇوڪريءَ جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ آزمائش ۾ رهي. دنيا جا گهڻا ڪمر ڪار ڪاروبار وغيره مرد ڪن ٿا ۽ دنيا جي ڪمن ڪارن ۾ ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ ڇوڪرن ڪان ۽ عورتن جي ڀيٽ ۾ مردن ڪان وڏيڪ ڪمي بيشي ٿئي، انڪري انهن لاءِ ٻہ ٻڪريون عقيقون ڪرڻ بهتر قرار ڏنل آهي.

## ٻارن ۽ اولاد سان پيار ڪرڻ

اولاد سان پيار ڪرڻ هر جاندار جي فطرت ۾ سمايل آهي. پر انسان مڪلف مخلوق آهي، انڪري فطرت سان گڏوگڏ الله تعاليٰ ۽ رسول الله ﷺ جي حڪمن تي عمل ڪرڻ سندس لاءِ لازم آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ ٻارن سان بيحد پيار ڪندا هئا. انهن کي هنج ۽ ڪلهي تي کڻڻ، جهولي ۾ ويهارڻ، چمي ڏيڻ، شفقت جي نگاه ڪرڻ سيرت طيبہ جا انمول نمونا آهن.

حديث شريف ۾ آيل آهي:

عن ابي هريرة قال: ابصر الاقرع بن حابس النبي ﷺ وهو يقبل الحسن. فقال ان لي من الولد عشرة ما قبلت احدا منهم. فقال رسول الله ﷺ انه لا يرحم، لا يحرم. (15)

**ترجمو:** حضرت ابوهريره رضه کان روايت آهي ته اقرع بن حابس نبي ڪريم ﷺ کي ڏٺو اهي حضرت حسن رضه کي چمي ڏئي رهيا هئا. هن چيو ته مونکي ڏهه ٻار آهن، مون اڄ تائين ڪنهن کي به چمي نه ڏني آهي. ان تي پاڻ سڳورن فرمايو: بيشڪ جيڪو ماڻهو رحم نه ڪندو اهو رحم نه ڪيو ويندو.

هڪ ٻئي حديث ۾ آيل آهي:

عن عائشة رضي الله عنهاقالت: جاءَ اعرابي الي النبي ﷺ فقال: تقبلون الصبيان فما نقبلهم؟ (16)

**ترجمو:** ام المومنين حضرت عائشه رضه کان روايت آهي ته: هڪ اعرابي (ٻهرياڻي جو رهندڙ) نبي ڪريم ﷺ وٽ آيو ۽ چيائين: اوهان ٻارن کي چميون ڏيو ٿا، اسان انهن (ٻارن) کي چميون چونه ڏيون ٿا؟

پاڻ ڪريم ﷺ جو ٻارن سان ايترو ته پيار ڪندا هئا جو اهي نماز پڙهڻ وقت به ساڻن گڏ هوندا هئا ۽ کين پاڻ کان پري نه ڪندا هئا.

هيءَ واقعو به آيل آهي ته:

ابو قتادة قال: خرج علينا النبي ﷺ وامامة بنت ابي العاص علي عاتقه، فصلي، فاذا ركع وضعها واذا رفع رفعها. (17)

**ترجمو:** حضرت ابو قتاده رضه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ اسان وٽ آيا، امامه ڌيءَ ابوالعاص گڏ هئن. پوءِ نماز پڙهيائون، جڏهن رڪوع ڪن پيا ته انکي ويهارن پيا ۽ جڏهن (سجدي) کان اٿن پيا ته انکي کڻن پيا.

مٿين واقعن مان خبر پوي ٿي ته اسلام کان پهريون ٻارن کي چمي ڏيڻ، هنج يا ڪلهي تي کڻڻ، انهن کي مجلس ۾ کڻي اچڻ معيوب سمجهيو ويندو هو.

۽ جڏهن عرب جا ماڻهو نبي ڪريم ﷺ کي ٻارن کي چمي ڏيندي، هنج ۽ ڪلهي تي کڻندي ۽ پيار ڪندي ڏسندا هئا ته انهن کي حيرت ٿيندي هئي.

ڇوته ٻارن سان پيار ڪرڻ ته نهيو پر اهي پنهنجي معصوم نياڻين

کي زنده دفن ڪرڻ جهڙي ڪنڌي عادتن ۾ غرق ٿيل هئا.

جڏهن ته ڇوڪرن سان گڏ ڇوڪرين کي مجلس ۾ ڪٺي اچڻ ۽ انهن سان پيار ڪرڻ سيرت طيبه جا عظيم مثال آهن. انهن ڳالهين مان سڏ پوي ٿي ته پاڻ ڪريم ﷺ نياڻين سان بيحد پيار ڪندا هئا.

## ٻارن ۽ اولاد جو عزت، احترام ۽ ادب ڪرڻ

اسان جي سماج ۾ هيءُ تصور عام آهي ته عزت، احترام ۽ ادب جو حق صرف والدين جو آهي، اولاد انهن ڳالهين جي حقدار نه آهي. پر اهو تصور غير اسلامي ۽ غير اخلاقي آهي. ۽ انجا ڀيانڪ نتيجا ڪيترائي والدين توڙي خاندان ڀوڳي چڪا آهن.

اهڙن سببن کي محسوس ڪندي سرورڪائنات اسانکي حڪم ڏنو آهي ته اولاد جو احترام ڪريو ۽ انهن کي باادب ۽ خوش اخلاق انسان بڻائڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪريو. حديث مبارڪ ۾ آيل آهي:

عن رسول الله ﷺ قال اکرموا اولادکم واحسنوا ادبهم. (18)

**ترجمو:** حضرت رسول الله ﷺ کان روايت آهي ته: اولاد جي عزت ڪريو ۽ انهن کي سٺو ادب سيکاريو.

هيءُ ڳالهه سماج ۾ هر عام ۽ خاص محسوس ڪري ٿو ته جيڪي والدين اولاد جي چڱي تربيت نٿا ڪن، کين اسلام جون بنيادي ڳالهيون نٿا سيکارن، سٺو ماحول مهيا نٿا ڪن، انهن جي چرپر تي ڪڙي نظر نٿا رکن، انهن سان پيار ۽ محبت وارو تعلق قائم نٿا ڪن ته (گهڻو ڪري) اهڙن ماڻهن جي اولاد اڳتي هلي سندن لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي ٿي ۽ انهن جو چين سڪون ختم ٿي پوي ٿو.

انڪري والدين مٿان لازم آهي ته اولاد جي ننڍپڻ کان سٺي تربيت ڪن، انهن کي ادب ۽ احترام سيکارن جيئن هو اڳتي هلي سٺا انسان بڻجي معاشري کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ ۾ قليدي ڪردار ادا ڪن ۽ والدين به اولاد جي پريشانين کان محفوظ رهن.

## ٻارن ۽ اولاد تي رحم ڪرڻ

رحم ڪرڻ ۽ معاف ڪرڻ الله تعاليٰ جي صفتن مان آهن. ماڻهن کي ٻه اهائي ترغيب ڏني وئي آهي ته اهي هڪ ٻئي جي ڪمين ڪوتاهين کي معاف ڪن ۽ انسان توڙي ٻين جاندارن تي رحم ڪرڻ پنهنجو شيوو بڻائن.

خاص ڪري ٻارڻ کان ڪمزور ماڻهن، عورتن، غير مسلمن ۽ ٻارن تي رحم ڪرڻ جي ترغيب تاڪيد سان آيل آهي.

هيءَ ڳالهه ٻه ياد رکڻ گهرجي ته ماڻهو ايستائين پڪو ۽ پختو مسلمان نٿو ٿي سگهي جيستائين هو ننڍين ٻارن تي رحم نه ٿو ڪري. گوياڪ رحم ڪرڻ ۽ خاص ڪري ٻارن تي رحم ڪرڻ صحيح مسلمان بڻجڻ لاءِ لازم آهي.

ان باري ۾ آقا دوعالم حضرت محمد ڪريم ﷺ جو فرمان آهي:

**عن ابن عباس قال: قال رسول الله ﷺ: ليس منا من لم يرحم صغيرنا ويوقر كبيرنا. (19)**

**ترجمو:** حضرت عبدالله بن عباس رضہ روايت ڪري ٿو ته: رسول الله ﷺ فرمايو: جيڪو ماڻهو ننڍين تي رحم ۽ وڏن جو ادب نه ٿو ڪري اهو اسان مان (منهنجي امت) مان نه آهي.

سرڪار دوعالم حضرت محمد ڪريم جو فرمان آهي ته الله تعاليٰ ٻارن جون غلطيون معاف ڪرڻ فرمايون آهن ۽ هيءُ ٻه فرمايو آهي ته قيامت ڏينهن انهن کان ٻاراڻي عمر ۾ ڪيل ڪمن جو پوڇاڻو ڪونه ڪيو ويندو.

حديث مبارڪ ۾ آيل آهي:

**عن علي ان رسول الله ﷺ قال: رفع القلم عن ثلثة عن النائم حتي يستيقظ وعن الصبي حتي يشب وعن المعتوة حتي يعقل. (20)**

**ترجمو:** حضرت علي رضہ کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو: ٽن ماڻهن تان قلم (حساب ڪتاب) کنيو ويو آهي: ننڊ واري کان جيستائين جاڳي. ٻار تان جيستائين جوان ٿئي ۽ بيوقوف کان جيستائين عقلمند ٿئي.

## ٻارن ۽ اولاد کي سلام چوڻ

پاڻ ڪريم ﷺ سلام کي عام ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. "افشوا السلام".(21) يعني سلام کي پکيڙيو.

پاڻ ڪريم ﷺ سلام نہ صرف وڏن پر ننڍين ٻارن کي بہ چوندا هئا، جيئن اهي سلامتي واري دعا جي تحفي کان محروم نہ رهجي وڃن.

عن انس قال: اتانا رسول الله ﷺ ونحن صبيان، فسلم علينا. (22)

**ترجمو:** حضرت انس رضہ کان روايت آهي تہ: اسان وٽ رسول ڪريم ﷺ تشريف فرما ٿيا، اسان ٻار هئاسون، پوءِ اسانکي سلام چيائون.

موجوده دور ۾ ڏٺو ويو آهي تہ وڏي عمر وارا ننڍين ٻارن کي سلام چوڻ ۾ عار يا گهٽتائي محسوس ڪندا آهن. ۽ هيءُ غلط خيال انهن جي ذهن ۾ گهر ڪري ويو آهي تہ، اسانکي سلام چوڻ ننڍين جي ذميواري.

جڏهن تہ مٿين حديث مان خبر پوي ٿي تہ آقا دوعالم ٻارن کي سلام ڪندا هئا.

## ٻارن ۽ اولاد سان ڪچهري ڪرڻ

پاڻ ڪريم ﷺ جو ٻارن سان ايتري حد تائين پيار هوندو هو جو ٻارن ڏانهن وڃي انهن سان ملندا هئا، انهن سان ڳالهيون ڪندا هئا ۽ کين دعا ڏيندا هئا. ان متعلق امڙ عائشہ رضہ فرمائي ٿي تہ:

كان النبي ﷺ يوتي بالصبيان فيدعولهم. (23)

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ ٻارن وٽ ايندا هئا ۽ انهن لاءِ دعا گهرندا هئا.

هن کان پهريون حضرت انس رضہ قصو بيان ڪيو آهي تہ نبي ڪريم ﷺ اسان ٻارن وٽ ايندا هئا.

يعني سرورڪائنات وڃي ٻارن سان مجلس ڪندا هئا، انهن جي ڪچهري ۾ ويهندا هئا ۽ انهن لاءِ خيريت، عافيت، صحت، برڪت ۽ ايمان سلامتيءَ جي دعا گهرندا هئا.

جڏهن تہ موجوده دور ۾ ماڻهو ٻارن جي ڪچهري ۾ ويهڻ، انهن سان ڪل

پوڳ ڪرڻ انهن لاءِ خيرعافيت ۽ سلامتي جي صدا بلند ڪرڻ پنهنجي لاءِ معيوب سمجهندا آهن. جيڪا ڳالهه بلڪل غلط ۽ نبي ڪريم ﷺ جي تعليمات جي ابتڙ آهي.

## ٻارن ۽ اولاد کي نماز جو حڪم ڪرڻ

نبي آخر الزمان ﷺ والدين لاءِ هيءَ اصول وضع ڪيو آهي ته اولاد جڏهن ستن سالن جي عمر کي پهچي ته کيس نماز پڙهڻ لاءِ چئو. ڇوته اها عمر سمجهه واري عمر آهي. بغير سمجهه جي نماز پڙهڻ جو حڪم ڪرڻ سان ٻار نماز جا آداب پورا نه ڪري سگهنداءِ بغير ادب ۽ احترام جي نماز پڙهڻ ۾ ثواب بجاءِ گناه ٿيڻ جو شائبو موجود آهي.

قال رسول الله ﷺ مروا صبيانكم بالصلاة لسبع سنين. (24)

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: اولاد کي ستن سالن جي عمر (ٿيڻ) ۾ نماز جو حڪم ڪريو.

هڪ ٻي حديث ۾ آيل آهي:

قال رسول الله ﷺ: مروا صبيانكم بالصلاة اذا بلغوا سبعا. (25)

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: اولاد جڏهن ستن سالن جي عمر کي پهچي ته انکي نماز پڙهڻ جو حڪم ڪريو.

جيڪڏهن والدين، اولاد کي نماز جي ترغيب نه ڏيندا ته الله تعاليٰ وٽ جوابده ٿي پوندا.

انڪري والدين سيرت طيبه جي روشني ۾ اولاد کي ستن سالن جي عمر کان نماز جو هيراڪ بڻائن ته جيئن انهن ۾ ننڍپڻ کان نماز جي عادت پئجي وڃي ۽ وڏا ٿي اهي نماز جا پابند ٿي پون.

## نماز ۾ ٻارن جي صف قائم ڪرڻ

قرآن ۽ حديث ۾ نماز جا احڪام تفصيل سان آيل آهن ۽ ان مردن، عورتن، ٻارن، ٻڍن، بيمارن، معذورن ۽ ڪدڙن وغيره جي نماز جو طريقو ۽ احڪام شامل آهن.

ٻار جماعت نماز ڪيئن پڙهن، انهن جي صف بندي ڪيئن ڪجي، ان جو تفصيل حديث جي ڪتابن ۾ آيل آهي.

**قال ابومالک الاشعري، الا احدثکم بصلواة النبي ﷺ.**
**قال: فاقام الصلواة، فصف الرجال وصف الغلمان خلفهم، ثم صلي بهم. (26)**

**ترجمو:** حضرت ابومالڪ اشعري رضہ چيو تہ مون توهان کي نبي ڪريم ﷺ جي نماز وارو طريقو سيکاريان ٿو. چيائين (پاڻ ڪريم ﷺ) نماز لاءِ بيهندا هئا تہ پهريون مردن جي صف قائم ڪرائيندا هئا، پوءِ (انهن پٺيان) ٻارن جي ۽ انکان پوءِ نماز پڙهائيندا هئا.

مٿين حديث مان سڌ پوي ٿي تہ پاڻ سڳورا نماز کان پهريون، نماز جي صحيح طريقي تي ڌيان ڏيندا هئا.

## ٻارن کي علم سيکارڻ

تعليم حاصل ڪرڻ سمورن مسلمانن تي فرض آهي. انهيءَ حڪم مرد عورتون، ڇوڪرا ڇوڪريون، ننڍا وڏا، پنهنجا پراوا، امير غريب سڀ شامل آهن. امام بخاري رحہ پنهنجي ڪتاب جامع صحيح بخاري ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي باري ۾ مختلف عنوان قائم ڪيا آهن.

قرآن ڪريم آخري الهامي ڪتاب آهي، انڪري پاڻ ڪريم ان جي پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. ڇوتہ ان جو پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ٻڌڻ باعث ثواب آهي.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ حڪم فرمايو آهي تہ: ﴿واذ قري القرآن فاستمعوا له وانصتوا لعلکم ترحمون﴾(27)

جڏهن قرآن مجيد پڙهيو وڃي تہ انکي خاموشيءَ سان ٻڌو جيئن توهان رحم ڪيا وڃو.

قرآن جي تعليم ٻارن کي سيکارڻ ضروري آهي. جيڪو ماڻهو اولاد کي قرآن ڪريم جي تعليم کان محروم رکي ٿو اهو گنهگار آهي.

امام بخاري رحہ پنهنجي ڪتاب "صحيح بخاري" ۾ فضائل القرآن ۾

”باب تعليم الصبيان القرآن“ جي عنوان سان باب قائم ڪيو آهي.

حضرت ابن عباس رضہ فرمايو آهي تہ:

**قال ابن عباس: توفي رسول الله ﷺ وانا ابن عشر سنين، وقد قرات المحكم.(28)**

**ترجمو:** حضرت عبدالله بن عباس رضہ ٻڌائي ٿو تہ: جڏهن نبي ڪريم ﷺ جو وصال ٿيو ان وقت منهنجي عمر ڏھ سال هئي ۽ آءٌ قرآن مجيد چڱيءَ طرح پڙهندو هيس.

قرآن ۽ حديث ۾ ”تعليم القرآن“ بابت جيڪي بہ حڪم آيل آهن، انهن ۾ مرد، عورتون، ٻار توڙي غلام شامل آهن.

## ٻارن جي کاڌو کائڻ جي تربيت ڪرڻ

کائڻ پيئڻ جا آداب سکڻ ۽ اولاد کي سيکارڻ هر مسلمان مٿان لازم آهن. ڇوتہ روزمره جي معاملات کي اسلامي اصولن پٽاندر ٻڌائڻ سان ماڻهوءَ کي دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ٿين ٿيون.

کائڻ پيئڻ جي شروعات هميشہ ”بسم الله“ سان ڪرڻ گهرجي. ماڻهو پاڻ ان تي عمل ڪري ۽ اولاد کي بہ انجو پابند ٻڌائي.

حديث ۾ آيل آهي:

**عمر بن ابي سلمة يقول: قال لي رسول الله ﷺ يا غلام! سم الله وكل بيمينك.(29)**

**ترجمو:** عمر بن ابي سلمہ کان روايت آهي تہ مونکي رسول الله ﷺ فرمايو: اي ٻچڙا! الله تعاليٰ جو نالو وٺي سڄي هٿ سان کاڌو کاءُ.

اولاد جي تربيت ڪجي تہ اهي کاڌو هميشہ پاسي کان کائن، ڇوتہ وچ مان کائڻ کان پاڻ ڪريم ﷺ روڪيو آهي.

**عن النبي ﷺ قال: ان البركة تنزل وسط الطعام فكلوا من حافتيه ولا تاكلوا من وسطه.(30)**

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: برڪت وچ طعام ۾ نازل ٿيندي آهي، توهان پاسن کان کائو وچ مان نہ کائو.

يعني وچ مان کائڻ سان برڪت هلي ويندي.

اولاد جي هيءَ بہ تربيت ڪجي تہ اهي بغير ڪنهن مجبوري جي ٽيڪ ڏيئي کاڌو نہ کائڻ. ڇو تہ ٽيڪ ڏئي کاڌي کائڻ کان پاڻ ڪريم روڪيو آهي.

**قال رسول الله ﷺ: اما انا، فلا اكل بمتكئا.(31)**

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو: مون ٽيڪ ڏيئي کاڌو نہ کائيندو آهيان.

۽ بيهي کاڌو پيتو ڪرڻ کان پاڻ ڪريم ﷺ سختيءَ سان روڪيو آهي.

**ان النبي ﷺ نهي ان يشرب الرجل قائما، فقيل الاكل، قال ذاک اشد هذا.(32)**

**ترجمو:** بيشڪ نبي ڪريم ﷺ بيهي پاڻي پيئڻ کان روڪيو آهي. (بيهي) کائڻ جي باري ۾ پڇيو ويو تہ فرمايائون: ان لاءِ وڌيڪ سخت حڪم آهي.

گرم شيءِ کي ڦوڪ سان ٺاري کائڻ يا پيئڻ کان بہ آقا ﷺ منع فرمايو آهي.

**ان النبي ﷺ نهي عن النفخ في الشراب.(33)**

**ترجمو:** بيشڪ نبي ڪريم ﷺ گرم پاڻي کي ڦوڪ سان ٺارڻ کان منع فرمايو آهي.

۽ کاڌي کائڻ بعد ماٺهوءَ مٿان لازم آهي تہ هو الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪري، اهڙي ترغيب اولاد کي ڏيڻ والدين مٿان لازم آهي.

**كان النبي ﷺ اذا اكل او شرب، قال: الحمدلله الذي اطعمناوسقانا وجعلنا مسلمين.(34)**

**ترجمو:** پاڻ ڪريم ﷺ کائڻ پيئڻ بعدچوڻ فرمائيندا هئا: تعريف الله تعاليٰ جي آهي، جنهن اسانکي کاڌو کارايو ۽ پاڻي پيئاريو ۽ مسلمان بڻيائين.

پر ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهو پاڻ کاڌي کائڻ وقت اسلامي تعليمات کي سامهون نٿا رکن ۽ اولاد جي کاڌي پيتي ۾ تربيت نہ ٿا ڪن. مسلمانن کي ان طرف خاص توجہ ڏيڻ گهرجي

# ٻارن جي صحت جو خيال رکڻ

ٻارن جي صحت جو خيال رکڻ والدين جي ذميوارين ۾ شامل آهي. بيماري جي صورت ۾ علاج معالجو ڪرائڻ مٿن لازم آهي.

نہ صرف علاج پر رب پاڪ جي بارگاه ۾ هٿ کڻي انهن جي صحتيابي لاءِ دعا گهرڻ جو حڪم سرورڪائنات ﷺ ڏيڻ فرمايو آهي.

پاڻ ڪريم ﷺ دنيا توڙي آخرت ۾ شفاعت جو محور آهن ۽ عرب جا ماڻهو پنهنجي ٻارن کي نبي ڪريم ﷺ وٽ دعا لاءِ کڻي ايندا هئا. ۽ پاڻ انهن مٿان شفقت ۽ رهنمائي جو هٿ ڦيرڻ فرمائيندا هئا.

حديث شريف ۾ هيءُ واقعو آيل آهي:

السائب بن يزيد يقول: ذهبت بي خالتي الي رسول الله ﷺ، فقالت: يا رسول الله، ان ابن اختي وجع، فمسح راسي ودعا لي بالبركة.(35)

**ترجمو:** حضرت سائب بن يزيد کان روايت آهي تہ مون ماسي سان گڏجي رسول الله ﷺ وٽ ويم. انهيءَ نبي سائين کي عرض ڪيو تہ هي منهنجي ڀيڻ جو پٽ بيمار آهي (ان لاءِ دعا ڪريو). پاڻ ڪريم ﷺ منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريو ۽ برڪت لاءِ دعا ڪرڻ فرمائي.

هڪ ٻيو واقعو بہ منقول آهي تہ:

عبدالله بن هشام وكان قد ادرك النبي ﷺ وذهبت به امه زينب بنت حميد الي رسول الله ، فقالت: يا رسول الله بايعه. فقال النبي ﷺ هو صغير. فمسح راسه ودعا له. (36)

**ترجمو:** حضرت عبدالله بن هشام کان روايت آهي تہ مون نبي ڪريم ﷺ سان مليس. مونکي انهن وٽ امڙ زينب بنت حميد کڻي هلي ان پاڻ ڪريم ﷺ کي چيو تہ هن کي بيعت ۾ آڻيو. پاڻ ڪريم فرمايو هو ننڍو آهي. پوءِ منهنجي مٿي تي هٿ ڦيريائون ۽ منهنجي لاءِ دعا گهريائون.

اسان مٿان لازم آهي تہ ٻارن جي صحت جو خاص خيال رکون، بيماري جي صورت ۾ انهن جو علاج ڪرايون ۽ بزرگن ولين کان انهن جي خير وبرڪت جون دعائون گهرايون.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

(1) سورت بقره آيت 34
(2) سورت بقره آيت 31
(3) محدث محمد بن اسماعيل، صحيح بخاري، ج 2 ص 1057، ناشر قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
(4) ايضا ج 2 ص 821
(5) ايضا ج 2 ص 821_822
(6) امام احمد بن حنبل، مسند احمد، ج 7 ص 477، ناشر دار احياء التراث العربي بيروت طبع ثاني سال 1993
(7) محدث انور شاه ڪشميري، حاشيہ سنن ترمذي، ج 1 ص 410، ناشر مڪتبہ رحمانيہ لاهور
(8) محدث احمد بن علي، مسند اي يعلي ج 5 ص 174، ناشر دارالفڪر بيروت، سال طبع 2002
(9) امام احمد بن حنبل، مسند احمد، ج 7 ص 477، ناشر
(10) محدث ابوبڪر، بيهقي في شعب الايمان ج 6 ص 2901، ناشر دارالفڪر بيروت، طبع اول سال 2004
(11) محدث مسلم بن حجاج، صحيح مسلم، ج 2 ص 206، ناشر قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
(12) محدث سليمان بن اشعث، سنن ابوداؤد، ج 2 ص 334، ناشر مڪتبہ رحمانيہ لاهور
(13) محدث احمد بن شعبي، سنن نسائي، ج 2 ص 187، ناشر قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
(14) محدث ابو عيسي محمد بن عيسي، سنن ترمذي، ج 1 ص 410، ناشر مڪتبہ رحمانيہ لاهور
(15) محدث ابوعيسي محمد بن عيسي . سنن ترمذي جلد 2 ص 455، ناشرمڪتبہ رحمانيہ لاهور
(16) محدث محمد بن اسماعيل، صحيح بخاري، ج 2 ص 887 . قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
(17) ايضا، ج 2 ص 887
(18) محدث محمد بن يزيد، سنن ابن ماجہ ص 261، ناشر قديمي ڪتب خانہ ڪراچي
(19) محدث ابوعيسي محمد بن عيسي، سنن ترمذي، ج 2 ص 456

مڪتبه رحمانيه لاهور
(20) ايضا ج 1 ص 395
(21) ايضا ج 2 ص 556
(22) محدث محمد بن يزيد، سنن ابن ماجه ص 263، قديمي ڪتب خانه ڪراچي
(23) محدث محمد بن اسماعيل، صحيح بخاري، ج 2 ص 940، ناشر قديمي ڪتاب خانه ڪراچي
(24) امام احمد بن حنبل، مسند احمد ج 2 ص 387، ناشر داراحياء التراث العربي بيروت
(25) ايضا ج 2 ص 376
(26) محدث سليمان بن اشعث، سنن ابوداؤد ج 1 ص 108، ناشر مڪتبه امداديه ملتان
(27) سورت اعراف آيت 204
(28) محدث محمد بن اسماعيل بخاري، صحيح بخاري، ج 2 ص 753، ناشر قديمي ڪتاب خانه ڪراچي
(29) ايضا ج 2 ص 809_810
(30) محدث ابوعيسي محمد بن عيسي، سنن ترمذي، ج 2 ص 444، مڪتبه رحمانيه لاهور
(31) ايضا ج 2 ص 446
(32) ايضا ج 2 ص 452
(33) ايضا ج 2 ص 453
(34) ايضا ج 2 ص 658
(35) محدث محمد بن اسماعيل بخاري، جامع صحيح بخاري ج 2 ص 940، ناشر قديمي ڪتاب خانه ڪراچي
(36) ايضا ج 2 ص 1070